**حڪومت سنڌ**

آبپاشي کاتو

سنڌ ريزيلينس منصوبي جي انتظامي ٽيم
(آبپاشي کاتو)

CREDIT NO. 5888-PK

# سنڌو درياءَ جي ايم.ايس،بي.يو، پي.بي، ڪوڪا ۽ ڪوٽڙي گائيڊ بند تي ٻيهر آبادڪاري جي مختصر منصوبي جو خلاصو







سنڌ ريزيلينس پروجيڪٽ (آبپاشي کاتو)

اپريل 2018

SINDH RESILIENCE PROJECT
SINDH IRRIGATION DEPARTMENT

# سنڌو درياءَ جي ايم.ايس،بي.يو، پي.بي، ڪوڪا ۽ ڪوٽڙي گائيڊ بند تي ٻيهر آبادڪاري جي مختصر منصوبي جو خلاصو

## خلاصو:

### پس منظر

سنڌ حڪومت جو آبپاشي کاتو، عالمي بئنڪ جي مالي سهڪار سان سنڌو درياءَ جي پناهه بگهاڙ (پي.بي) بند، مُول چند. شاهبندر(ايم.ايس) بند، بگهاڙ-اوچتو ( بي يو) بند، ڪوڪا بند ۽ ڪوٽڙي گائيڊ حفاظتي بندن جي بحالي ۽ اُنهن کي بهتر بڻائڻ لاءِ، قدرتي آفتن کي مُنهن ڏيڻ جي منصوبي (ايس آر پي) تحت ڪم جي شروعات ڪري رهيو آهي. اِن مقصد لاءِ ٻيهر آبادڪاري جو مختصر عملي پلان) (اي آر اي پي) تيار ڪيو ويو آهي. منصوبي جو آر پي ايف يعني ٻيهر آبادڪاري جي پاليسي جو هي خاڪو، عالمي بئنڪ جي تحفظ وارين پاليسين جي روشني ۾ تيار ڪيو ويو آهي تہ جيئن حفاظتي بندن جي بحالي جو ڪم ۽ اُنجا نتيجا، عالمي بئنڪ جي مقرر ڪيل اصولن موجب حاصل ڪري سگهجن.

### ماحولياتي/ سماجي انتظام ۽ ٻيهر آبادڪاري جي پاليسي جو خاڪو (اِي ايس ايم ايف/ آر پي ايف)

قدرتي آفتن کي مُنهن ڏيڻ جي هِن منصوبي (ايس آر پي) تحت ڪيترائي قدم تجويز ڪيا ويا آهن. جن ۾ سنڌو درياءَ جي ڪمزور حفاظتي بندن جي بحالي ۽ بهتري ، ۽ صوبي جي پاڻي جي ڪوٺ وارن ضلعن ۾ ننڍن ڊيمن جي اڏاوت شامل آهن. ماحولياتي/سماجي انتظام جو خاڪو ۽ ٻيهر آبادڪاري جي پاليسي جو خاڪو (ESMP/RPF) ان لاءِ ترتيب ڏنو ويو هوتہ جيئن (1) منصوبي جي مُمڪن هاجيڪار ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جي نشاندهي ڪئي وڃي (2) ممڪن اثرن کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن (3) ۽ آخر ۾ سنڌ ۾ قدرتي آفتن کي مُنهن ڏيڻ جي اِن منصوبي (ايس آر پي) تحت، ذيلي منصوبن جي چُونڊ ڪرڻ لاءِ معيار ٺاهيو وڃي.

### ذيلي/ننڍن منصوبن جي درجہ بندي

ذيلي منصوبن تي عملدرآمد سان ٻيهر آبادڪاري جو مسئلو تي سگهي ٿو، جو تہ منصوبي جي راهه ۾ ايندڙ زمين (رائيٽ آف وي ) جي اڏاوتن کي خالي ڪرڻو پوندو. سول ورڪ لاءِ ڪنهن حد تائين دائمي رهائشي عمارتن کي ڊاهڻو پوندو، رائيٽ آف وي ۾ ايندڙ ننڍي پئماني جي ڪاروباري اڏاوتن کي پڻ هٽائڻو ۽ رستي ۾ ايندڙ وڻن کي پڻ وڍڻو پوندو، اِن لاءِ ٻيهر آبادڪاري جو مختصر منصوبو تيار ڪيو ويو آهي تہ جيئن رائيٽ آف وي اندر ٻيهر آبادڪاري جا مسئلا حل ڪري سگهجن ۽ متاثر ماڻهن جي حفاظت ڪري سگهجي ۽ ذيلي منصوبن کي پائيدار طريقي سان هلائي سگهجي. ذيلي منصوبن جي چونڊ جو طريقيڪار ايس. آر.پي ، اِي. ايس. ايم.ايف(SRP, ESMF) / آر.پي.ايف (RPF) جي جدول 1 (عالمي بئنڪ جي ماحولياتي چونڊ طريقيڪار) تحت تيار ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ تجويز ڪيل ذيلي منصوبن جي درجابندي پهرئين درجي (A-category) ۾ اچي ٿي. جيڪي ذيلي منصوبا اِي ايس ايم ايف/آر پي ايف جي درجہ بندي موجب آهن تنهن جي ڪري انهن تي عمل درآمد سان گهٽ يا وِچولي درجي جا ماحولياتي ۽ سماجي اثر ظاهر ٿي سگهن ٿا. آر. اي. پي کان علاوه هِنن منصوبن جي هڪ الڳ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جي جائزي (ESIA) واري رپورٽ بہ ٺاهي وئي آهي جيڪا پهريان ئي عالمي بئنڪ وٽ جمع ٿيل آهي.

## عمل درآمد جو مدو/رٿا

ٻيهر آبادڪاري جي عملي منصوبي تحت، نشاندهي ڪيل منصوبي سبب متاثر ماڻهن کي معاوضو ڏيڻ ۽ رهنمائي لاءِ هڪ عمل درآمد جو متوقع شيڊيول تيار ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ ٻيهر آبادڪاري جي عملي پلان (آر. اي. پي) سان عالمي بئنڪ جي تحفظ فراهم ڪرڻ واري پاليسي مطابق متاثر ٿيندڙ ماڻهن کي معاوضو ڏيڻ ۽ رهنمائي لاءِ پاليسي ۽ طريقيڪار، منصوبي جي دستاويزن جي عوامي پڌرائي پڻ شامل آهي.

## صلاح مصلحت/مشاورت

عام ماڻهن ۽ منصوبي سان لاڳاپيل ماڻهن سان مشاورتي گڏجاڻيون ڪيون ويون. منصوبي سان لاڳاپيل ماڻهن سان مشاورتي گڏجاڻين ۾ متاثر ماڻهن سان گروپن جي شڪل ۾ ڳالهه ٻولهه جو مقصد تجويز ڪيل ٻيهر آبادڪاري جي ڪمن جي باري ۾ مقامي رهواسين جا خيال ۽ شڪ شُبها جاڻي سگهڻ هو. ماڻهن طرفان ظاهر ڪيل شڪ شُبهن تي ماحولياتي ۽ سماجي اثرن کي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ جي رٿا تيار ڪندي مناسب غور ڪيو ويو ته جيئن منصوبي کي سماجي ۽ معاشي بنياد تي عام ماڻهن لاءِ مڃڻ جوڳو بڻايو وڃي. مشاورت جو اهم مقصد هو ته لاڳاپيل ماڻهن کي هڪ اهڙو پليٽ فارم مُهيا ڪيو وڃي جتي هُو پنهنجي شڪ شُبهن جو کُلي ڪري اظهار ڪري سگهن ۽ منصوبي جي عملي کي پنهنجي تجويزن ۽ صلاحن کان آگاهه ڪري سگهن ۽ منصوبن جي سرگرمي لاءِ، اُنهن ۾ گڏيل مالڪيءَ جو احساس پيدا ڪري سگهجي.

## اهم نتيجا

آر اي پي هيٺ ڪيل اڀياسن جا اهم نتيجا هيٺ ڏجن ٿا.

- اِن ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته منصوبي تي عمل درآمد سان مقامي رهواسين جي ڪاروباري، رهائشي جڳهين، عبادت گاهن ۽ ٻين عمارتن کي گهٽ کان گهٽ نقصان پهچي ۽ ڏهاڙي جي ڪمائي جا وسيلا گهٽ۾ متاثر نه ٿين. مخصوص تفصيل هن ريت آهي:
- ڪاروباري ڍانچا 37
- رهائشي ڍانچا 02
- ڪل 39
- هتي 37 ڪاروباري ۽ 2 رهائشي ڍانچا آهن.منصوبي سبب وٽن ڪٽڻ ڪري پهتل نقصان جي ازالي لاءِ متعلقہ ٺيڪيدار جي ذريعي ٻيهر وڻ لڳائڻ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جو جائزو جي رپورٽ ۾ تجويز ڪيل آهي.
- متاثر ماڻهن جي مردم شماري جي شروعات واري تاريخ کي /آخري تاريخ (cut of date) قرار ڏنو ويو. جيڪا هن ريت تي هئي.

- پي بي بند 25 ڊسمبر 2015
- ڪوڪا بند 4 فيبروري 2016
- ايم ايس بند 5 فيبروري 2016
- بي يو بند 7فيبروري 2016
- ڪوٽڙي گائيڊ بند 3 جنوري 2016

عالمي بئنڪ طرفان ٻيهرمختصر آبادڪاري جي عملي پلان (5 بندن) تي مليل راءِ جي نتيجي ۾ 27 مارچ 2018 تي سرزمين جو دورو(فيلڊ وزٽ) ڪيو ويو. دوري جو مقصد ان ڳالهه جي پڪ ڪرڻ هو ته ايم.ايس بند جي آر ڊي 0/4 تي موجود معاوضي لاءِ اهل

ماڻهن، جي چونڊ اِي ايس ايم ايف/آر پي ايف جي مطابق ٿيل آهي. انهن ڍانچن ۾ مسجد/امام بارگاهه ۽ اسڪول شامل آهن. مشاورتي گڏجاڻين ۾ ماڻهن ذڪر ڪيو ته امام بارگاهه/ مسجد 50 سال کان وڌيڪ پراڻي آهي، ان باوجود 2010 جي مها ٻوڏ ۾ محفوظ رهي. انهن امام بارگاهه ۽ اسڪول جي ٻئي جڳهه منتقليءَ کان انڪار ڪيو توڙي انهن کي معاوضو ڏنو وڃي. مقامي ماڻهن ذڪر ڪيو ته منصوبي جي عملي سان آخري ملاقات ڪانپوءِ ڳوٺ جي وڏن پاڻ ۾ گڏجاڻي ڪئي ۽ هڪ نقطي تي راضي ٿيا ته منصوبي جي عملي کي گذارش ڪئي وڃي ته ڳوٺاڻن اڏاوتي ڍانچن امام بارگاهه ۽ اسڪول کي بغير ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ جي محفوظ بڻايو وڃي. انهن يقين ڏياريو ته تعميراتي ڪم دوران هو مڪمل سهڪار ڪندا. ڳوٺاڻن سان ڪيل مشاورت جي بنياد تي مسئلي کي PISSC ڊيزائن سيڪشن وٽ بيان ڪيو ويو جن ڳوٺاڻن اڏاوتي ڍانچن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ انجينيئرنگ جا حل پيش ڪيا ويا. امام بارگاهه ۽اسڪول جي چوڌاري سرن سان چوديواري ڏنل آهي، جيڪا 5 فوٽ اوچي آهي. جو ته پليٽ فارم آر ايل 50 تي آهي جتي ٻوڏ جي پاڻي جي سطح وڌ ۾ وڌ 1.6 فوٽ ريڪارڊ ٿيل آهي. جيئن ته امابارگاهه ۽ اسڪول جي عمارت جي منتقلي ممڪن نہ آهي تنهنڪري چوديواري جي ٻاهران لاهين کي محفوظ ڪرڻو پوندو. منصوبي جي ڪم دوران عمارت ۾ رهندڙن کي اڏاوتي ڪم سبب ڪجھ ڏکيائيون پيش اچي سگهن ٿيون پر انهن پنهنجي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو آهي.

**بجيٽ**

ٻيهر آبادڪاري جي عملي پلان (آر اي پي) تي 4.533 ملين رپيا لاڳت جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي. اِن بجيٽ ۾ رائيٽ آف وي ۾ ايندڙ متاثر گهرن ۽ ٻين عمارتن جي معاوضي سان گڏ گُذاري جو الائونس، لڏپلاڻ/سفر جو الائونس ۽ ٻين الائونسن لاءِ پئسا رکيا ويا آهن.

**اي آر اي پي جي نگراني ۽ جائزو**

منصوبي جي سڌي ۽ شفاف عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ ضروري آهي ته منصوبي جي سرگرمين جي مدي اندر اندروني ۽ ٻاهرئين ذريعن وسيلي نگراني ۽ جائزي جي ضرورت عملي شيڊيول موجب ڪارڪردگي جي لاڳيتي نگراني ڪئي وڃي. هن منصوبي جي نگراني ۽ جائزي جي ضرورت واريون رپورٽون تيار ڪيون وينديون جيڪي منصوبي جي انتظامي ٽيم ۽ عالمي بئنڪ وٽ جمع ڪيون وينديون، ان مقصد لاءِ منصوبي جي انتظامي ٽيم ماحولياتي/سماجي نگراني ۽ جائزو وٺندڙ ماڻهو/صلاحڪار ڪنسلٽنٽس (ESMECs) جون خدمتون اڳ ئي حاصل ڪري ورتيون آهن. جيڪي منصوبي جي ڊيزائن جي روشني ۾ منصوبي جي عملدرآمد جي اثرن جي نگراني ۽ جاچ ڪندا.

# معاوضي جي مستحقن جا تفصيل

متاثرن سان مشاورتي گڏجاڻيون ڪيون ويون ۽ انهن منصوبي جي علائقي متعلق سني جوابي راءِ ڏني. جن منصوبي جي حقداريءَ جي حڪمت عملي ۽ حقداريءَ لاءِ جڙيل طريقيڪار کي واضع ڪرڻ ۾ مدد ڏني.
هينين ٽيبل ۾ نقصانن سان گڏ متاثرين جو تفصيل ڏنو ويو آهي. مستحق متاثرين جي هينين ٽيبل ڏنل آخري تاريخ جي بنياد تي ناهي وئي آهي. هيءَ ٽيبل مختلف قسمن جي نقصانن ۽ لڏپلاڻ جا تفصيل فراهم ڪري ٿي جيڪي آدمشماري سروي دوران حاصل ڪيا ويا.

| وضاحت | تفصيل | متاثر ماڻهو | معاوضي جو حق | سراسري قيمت |
|---|---|---|---|---|
| گهر(هڪ ڪان وڌيڪ ڇپر تي سگهن ٿا ) ۽ تعمير | ڪاٺ جا ڇپر | غير قانوني رهائشي | هر متاثر شخص/گهراڻي کي گهر جي ولاريل جڳهه/گهرو سامان ۽ ٻين اثاثن ۽ ضايع نہ ٿيدڙ سامان ، ڏي وٺ جو خرچ مطابق نقد معاوضو ڏيڻ/ جزوي اثرن جي صورت ۾ مڪمل نقد جي ادائگي تہ جيئن بچيل ڍهانچي کي بچائجي. ان سان گڏ ٽن مهينن جو معاوضو اهڙن متاثرين کي ادا ڪيو ويندو جن جا گهر منتقل ٿيا هجن. | اسڪوائر فٽ /120 روپيا<br>سراسري ڇپر سائز 250 اسڪوائر فٽ )<br>طور گهر سائز/<br>سراسري گهر جي مادي جو معاوضو<br>ماهوار/15,585 :روپيا<br>هر متاثر گهر کي 46755 روپيا ڏنا ويندا<br>سراسري گهر جي سائز 6 |
| ڪاروباري تعميرون | پڪا ۽ ڪچا | غير قانوني رهائشي | جيترو وقت ڪاروبار رڪيو هجي ان لاءِ نقدي فائدو.نقصان ٿئي آهن عارضي يا مستقل. | 125/ sq ft روپيا<br>بشمول<br>5,195 منتقلي جي قيمت / تعميري ڍانچو |
| منتقلي | آمدرفت ۽ وقتي گذران جي قيمت | ممڪن اثر هيٺ ايندڙ سيئي ماڻهو | ٽرانسپورٽ جي خرچن لاءِ مناسب معاوضو | هر متاثر گهر ۽ ماڻهو کي 5,19روپيا |
| بيٺل فصلن جو نقصان | تعمير وقت ڪم هيٺ ايندڙ زمين تي بيٺل تمام فصلن لاءِ لاڳو | ممڪن اثر هيٺ ايندڙ سيئي ماڻهو بشمول غير قانوني رهائشي | بندن جي بحالي دوران پيل اثرن سبب مارڪيٽ جي اگهہ تي نقد ۾ ٻن فصلن/ يا منصوبي جي وقت مطابق مڪمل معاوضو<br>فصل جي ٻين سيني نقصانن لاءِ مارڪيٽ جي اگهہ تي معاوضو ادا ڪيو ويندو. | **ڪٽڪ**:<br>قيمت 1،100 /40 ڪلو گرام<br>هڪ ايڪڙ پيداوار 1368 ڪلو گرام.<br>في ايڪڙ معاوضو 37،306<br>**ڪمند:**<br>قيمت 180 /40 ڪلو گرام<br>في ايڪڙ پيداوار 20.95 مئٽرڪ ٽن.<br>في ايڪڙ معاوضو 93،598<br>**ڪيلا:**<br>قيمت 1،455 في 40 ڪلو گرام<br>في ايڪڙ پيداوار 1.71 مئٽرڪ ٽن.<br>62,184 في ايڪڙ معاوضو<br>**ڪپهہ/ووئنٽ**<br>قيمت في بالي 23،845<br>في ايڪڙ پيداوار 1.98 بالي<br>47,213 في ايڪڙ معاوضو |